**غلام مصطفيٰ سولنگي**
پي ايڇ - ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو،
وفاقي اردو يونيورسٽي.

# ٻارڙن جي ماهوار رسالي گُل ڦُل جي ارتقا

# EVOLINATION OF CHILDREN'S MONTHLY MAGAZINE GUL PHUL

**Abstract**:

One of the objectives of the establishment of Sindhi Adabi Board in 1951 was to strive for the healthy and constructive literature for the children of Sindh. In order to materialize this aim, a monthly magazine, entitled, "Gul Phul" for children was issued since January 1959. The very purpose of "Gul Phul" was to introduce Sindhi children with modern world and literature. For this, Mr. Muhammad Ibrahim Joyo and Mr. Ghulam Rabbani Agro, burnt the midnight oil and decorated this monthly with colorful writings of both senior and junior generation of writers and, thus, mode "Gul Phul" received a serve setback, when its declaration was cancelled in 1966, hence its publication was suspended till January 1974. Afterwards, "Gul Phul" acquired declaration and started its publication since January 1974 with Mr. Shoukat Hussain Shoro as its editor. Mr. Shoro ensured regular publication of "Gul Phul" and made it a popular magazine of Sindhi children. After him, Mr. Anwar Halai, Mr. Akbar Jiskani, Mr. Tarique Alam Abro, Mr. Din Muhammad Kalhoro, Dr. Zafar Abbasi and Mrs. Najma Panhwar have been the editors of "Gul Phul" and put best of their intellectual energies to provide modern thoughts and literature to the children of Sindh. Gul Phul received a great co-operation of writers, poets and intellectuals of high stature. That's why, its every issue is worth – reading as it provides a variety of writings. It is a role model for all the magazines of children published from various parts of Sindh.

## ٻارڙن جي رسالن جي ضرورت ۽ اهميت

انسان جي زندگي ڇا آهي؟ هڪ لاڳيتو سماجي عمل ـ ادب ڇا آهي؟ ان لاڳيتي سماجي عمل جي تخليقي ترجماني. ادب جي واڌ وِيجهه ۾ ڪتاب به شامل آهن ته اخبارون پڻ پر انهن ٻنهي کان وڌيڪ اهميت رسالن کي حاصل آهي ڇو ته

اهي ماڻهن کي يا پنهنجي پڙهندڙن کي وقت سان گڏ وٺي هلڻ جي سگهہ رکندا آهن. جيئن تہ رسالا زندگيءَ جي تسلسل جو ساٿ ڏيندا آهن، ان ڪري انهن جو پيدا ڪيل ادب بہ گهڻو مُتحرڪ ۽ اثرائتو هُوندو آهي. رسالا ۽ خاص ڪري ادبي رسالا اسان جو علمي، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثو هُوندا آهن ۽ اهي هلندڙ دور جي فڪري ۽ علمي ڏارائن جا نمائندا هُوندا آهن. انهن رسالن ۾ وري ٻارڙن جا رسالا بہ خاص اهميت وارا هُوندا آهن، جيڪي ٻارڙن جي ذهني ۽ سماجي تربيت سان گڏو گڏ سندن شخصيت جي جوڙجڪ ۾ مُکيہ ڪردار ادا ڪندا آهن.

بد قسمتيءَ سان اسان جي سنڌي سماج ۾ ٻار کي ڪو بہ معاشرتي رتبو حاصل نہ هُيو. هڪ ٻار صدين کان وٺي پنهنجي زندگيءَ جي هر ڪار وهنوار ۾ فيصلن ۾ پنهنجي وڏڙن جو ئي محتاج پئي رهيو آهي. اُوڻيهينءَ صديءَ ۾ جديد علمن جي اُڀرڻ، اُسرڻ، علم نفسيات جي تيزيءَ سان ترقيءَ ۽ جديد سائنسي اِيجادن ڪري هڪ ٻار جي سماجي حيثيت بہ اُجاگر ٿي ۽ ڪيس سماج جو هڪ بُنيادي ايڪو سمجهڻ سان گڏ سندس احساسن، جذبن ۽ نفسياتي لاڙن ڏانهن ڌيان ڏيڻ بہ شروع ڪيو ويو. معاشري ۾ ٻار جي حيثيت کي مڃتا ملي وئي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻار هڪ ڪامل سماجي صُورت ۾ ويهينءَ صديءَ ۾ اُڀري آيو. مطلب تہ ٻار جي هاڻوڪي تصوُر کي ويهينءَ صديءَ ۾ پُختا بُنياد مليا. اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ سنڌ ۾ ٻارڙن جي ادب جي اهميت جو احساس جاڳيو ۽ پوءِ ٻارڙن لاءِ رسالا ڪڍڻ ضروري سمجهيو ويو. مُختلف اشاعتي ادارن نہ رُڳو ٻارڙن لاءِ ڪتاب ڇاپڻ شروع ڪيا پر سندن ذوق جي تسڪين، ڄاڻ ۽ وِندر وِرونهن لاءِ رسالا پڻ پڌرا ڪيا.

هتي اها حقيقت بہ واضح ڪجي تہ انهن رسالن نہ رُڳو ٻاراڻي ادب جي واڌاري ۾ مُکيہ ڪردار ادا ڪيو پر خود سنڌي ادب کي پڻ زبردست ترقي وترائي ۽ سُٺن ليکڪن جون ڪيترين ئي ڪيپون تيار ڪيون. جيڪڏهن اسان هاڻوڪن اديبن ۽ شاعرن تي نظر وِجهنداسين تہ اها حقيقت سامهون ايندي تہ سندن دلين ۽ ذهنن ۾ تخليقي جذبو پيدا ڪرڻ جو اصل ۾ بُنيادي مُحرڪ ٻاراڻا رسالا ئي رهيا آهن. اهي پنهنجي ننڍپڻ ۾ جيڪي ڪچيون ڦِڪيون لکڻيون سرجيندا هُئا يا وري هلڪي ڦُلڪي شاعري ڪندا هُئا، سا اصل ۾ سندن وڏي اديب ۽ شاعر هُجڻ جو اُهڃاڻ هُوندي هُئي.

ان حقيقت کان بہ انڪار ممڪن ڪونهي تہ ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ ۾ نڪرندڙ ٻارڙن جا رسالا ڪي گهڻا معياري ڪونہ هُئا. ٻارڙن جي اُردو رسالن ۽ يورپ مان ڇپجندڙ ٻاراڻن رسالن جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻاراڻا رسالا معيار جي لحاظ کان بيحد گهٽ هُئا. نہ تہ ڪاغذ سُٺو هُوندو هو ۽ نہ ئي وري ٽائيٽل ڪو وڻندڙ هُوندو هُيو. انهن ۾ تصويرون يا اسڪيچ يا تہ هُوندا ئي ڪونہ هُئا يا جيڪڏهن هُوندا بہ هُئا تہ انهن ۾

ٻارڙن لاءِ ڪا خاص ڪشش ڪانہ هُوندي هُئي. انهن رسالن جي ڇَپائي بہ ڪَسي هُوندي هُئي. ان کان سواءِ ٻارڙن جي ذهني سطح ۽ علمي معيار جو خيال بہ گهٽ ئي رکيو ويندو هو. ان ڪَڙيءَ حقيقت جي باوجُود انهن رسالن ٻاراڻي ادب جي واڌ وِيجهہ ۾ جيڪو مُکيہ ڪردار ادا ڪيو تنهن کي هرگز وِساري نہ ٿو سگهجي. انهن جي افاديت سدائين مجيل رهندي.

ٻارڙن جا رسالا ڪيترن ئي حوالن سان لاڀائتا هُوندا آهن. ڪيترا ئي ٻارڙا پاڻ کي رُڳو نصابي ڪتابن تائين محدُود ڪري ڇڏيندا آهن، ان ڪري جو سندن ڪتابن تائين پهچ ڪافي حد تائين مُشڪل هُوندي آهي يا وري اهي مهانگا ڪتاب خريد نہ ڪري سگهندا آهن. ان جي اُبتڙ اهي رسالا يا تہ خريد ڪري پڙهي سگهندا آهن، جو انهن جي قيمت ڪُجهہ گهٽ هُوندي آهي يا وري دوستن کان حاصل ڪري پڙهندا آهن. اهڙيءَ طرح سندن چاهہ ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي. رسالي لاءِ ڪو مضمُون لکڻ لاءِ ڪيترا ئي ڪتاب پڙهڻا پَوندا آهن، تنهن ڪري ڪيترن ئي ڪتابن جو نچوڙ هڪ مضمُون ۾ اچي ويندو آهي. نتيجي ۾ هڪ ٻار جي چاهہ گهڻ رُخي ۽ ڪُشادي ٿي ويندي آهي. مطلب تہ "ٻارن جا رسالا ٻارن جي لاءِ اُستاد، اُپديشڪ، ماءُ پيءُ، دوست، صلاحڪار ۽ رهبر جهڙا انيڪ رول نڀاهن ٿا. سڏيءَ چاهي اڻ سڏيءَ طرح هُو سکيا ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿا. سيکارڻ ۽ چاهہ ڏيڻ جو ڪم ڪن ٿا. اسڪُولن ۾ جيڪو نہ ٿو پڙهايو وڃي سو هنن رسالن ذريعي ٻارن جي اڳيان اچي ٿو. اسڪولي ڪتابن کان ٻار جيترو ٿهن ٿا اوترو رسالن جي ويجهو اچن ٿا. انهيءَ خيال کي ڏسجي تہ ٻارن جي رسالن جو ڪاريہ اسڪولي ڪتابن کان بہ وڌيڪ ذميواريءَ وارو آهي. ٻال رسالن جي سمپادڪ کي تمام وڏي اهميت واري ۽ نازڪ جوابداري نڀاهڻي پوي ٿي. سمپادڪ جي سوجهہ ٻوجهہ، چاهہ ۽ شڪتي ٻال رسالي کي ٻارن ۾ وڌيڪ لوڪپريہ بڻائي ٿي." (١)

## سنڌ ۾ ٻارڙن جي رسالن جي شروعات:

سنڌي سماج کي علمي حوالي سان مضبُوط ڪرڻ جي ڏس ۾ ٻاراڻي ادب جي ضرورت کي محسُوس ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي سچي خدمتگار ۽ ڏاهي پرما نند ميوا رام پنهنجي هفتيوار اخبار "جوت" جيڪا هُن ١٨٩٦ع ۾ حيدرآباد مان جاري ڪئي هُئي، ۾ ٻارڙن جو هڪ صفحو مخصُوص ڪيو، جنهن ۾ ڪهاڻين ۽ مضمُونن کان علاوه ٻارڙن جي دلچسپيءَ جو گهڻو مواد شايع ڪيو ويندو هُيو. ٻارن جي ليکڪ ۽ ترجمي نگار خالد ڀٽيءَ جو رايو آهي تہ "جوت اخبار جو ٻارن جو صفحو سنڌي رسالن جي اشاعت لاءِ اُتساهہ جو سبب بڻيو. اها هڪ وڏيءَ ساک واري اخبار هُئي ۽ ان جي ٻارن جي صفحي کي سڄيءَ سنڌ ۾ وڏي چاهہ سان پڙهيو ويندو هُيو. ان صفحي جي

مقبُوليت کي ڏِسي ٻاراڻن رسالن جي ضرورت محسُوس ڪئي وئي.“ (٢)

ٻارڙن جي رسالن جي اشاعت جي ڏس ۾ پهرين وِک ”هوپفل اڪيڊمي اسڪُول شڪارپور“ کنئي، جنهن مئي ١٩١٤ع ۾ ”هوپفل اڪيڊمي مئگزين“ جو پهريون پرچو پڌرو ڪيو. هيءَ رسالو سال ۾ ٻه ڀيرا ڇپبو هُيو ۽ ان جو ادارتي سٽ راڌا ڪرشن پارو مل، ڪشن چند جيوَن داس ۽ جهامن داس دُوارڪا داس تي مُشتمل هو. ان رسالي جي تسلسل ۾ سنڌ جي مُختلف شهرن مان ڪجھ ٻاراڻا رسالا پڌرا ٿيا، جيڪي ١٩٤٧ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين هلندا رهيا. انهن رسالن ۾ ”گُل ڦُل“ ۽ ”گُلستان“ رسالن کي تمام گهڻي مقبُوليت حاصل ٿي.

١٩٤٧ع ۾ ننڍي کنڊ جي ورهاست ٿي تہ ٻاراڻن رسالن جي اشاعت جو سلسلو هڪ دم رُڪجي ويو پر ١٩٥٠ع ۾ ”گُلستان“ رسالو ٻيهر جاري ڪيو ويو. گُلستان کان علاوه ”ڦولستان“ ۽ ”دل بهار“ نالي ٻاراڻا رسالا بہ شروع ڪيا ويا. بدقسمتيءَ سان انهن رسالن جي اشاعت جو سلسلو گهڻو وقت جاري نہ رهي سگهيو.

### گُل ڦُل جو جاري ٿيڻ (مقصد، اهميت ۽ ارتقا):

ڊسمبر ١٩٥١ع ۾ ”سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ“ کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جو نالو ڏنو ويو، جنهن جي قيام جي مقصدن مان هڪ مقصد ”ٻارڙن لاءِ صالح ۽ صحتمند ادب پڌرو ڪرڻ“ بہ هُيو. (٣)

ان مقصد کي عملي صُورت ڏيندي ويهينءَ صديءَ جي ڇهين ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ جنوري ١٩٥٩ع ۾ ماهوار گُل ڦُل سنڌي ادبي بورڊ پاران جاري ٿيو. ان ڏس ۾ گُل ڦُل جو پهريون ايڊيٽر غُلام رباني آگرو لکي ٿو ”سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري سائين جويو صاحب هو ۽ مان اسسٽنٽ سيڪريٽري. تڏهن بورڊ جون آفيسون ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ تي اين جي وي هاءِ اسڪُول جي عمارت ۾ هُونديون هُيون. اسڪُول سان گڏ ٻيون بہ گهڻيون آفيسون هُيون. هڪ دفعي ائين واتين ويٽين ٻُڌڻ ۾ آيو تہ بورڊ بہ نوان رسالا ڪڍي رهيو آهي. هڪ عورتن جو رسالو ۽ ٻيو ٻارن جو رسالو. بورڊ تيسين رُڳو ”مهراڻ“ شايع ڪندو هُيو، جيڪو ١٩٥٥ع کان جاري ٿيو هو. ان جو ابتدائي ايڊيٽر بورڊ جو سيڪريٽري سائين جويو صاحب پاڻ هُيو. ٻارن ۽ عورتن جي ٻن نَون رسالن جي ايڊيٽنگ لاءِ هڪ سنڌي خاتون مُنتخب ٿي، جا ٿي مهينا ڪن بورڊ جي Pay-roll تي رهي پر ٻنهي رسالن مان ڪنهن جو بہ پرچو ڪونہ نڪتو. سو هڪ ڏينهن جوئي صاحب مُون کي چيو تہ ”ٻارن جو رسالو تون ڪڍ.“ مون وٽ اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ جي عُهدي جي لحاظ کان فقط دستُوري (Routine) ڪم ڪندو هُيو. اداري جي مُکيہ مالي، انتظامي ۽ علمي معاملن کي جويو صاحب پاڻ مُنهن ڏيندو هو، سو ”گُل ڦُل“ جو اضافي ڪم مليم تہ پاڻ هڪ قسم جي خوشي ٿيم، ڇو تہ قُدرت مُون

ڪي ’عملدار‘ بدران اديب وارو مزاج ڏنو هُيو.“ (٤)

ٻار جي ڀهرين تربيت گاهہ ماءُ جي هنج هُوندي آهي. ان کان پوءِ آس پاس جو ماحول ڪيس مُتاثر ڪندو آهي. پوءِ جڏهن هُو اسڪُول وڃڻ جي عُمر کي پهچندو آهي ۽ اسڪُول ۾ وڃي لکڻ پڙهڻ جي لائق ٿيندو آهي تہ درسي ڪتابن کان علاوه ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ ٻارڙن جا رسالا سندس شخصيت ۽ اهميت کي نظر ۾ رکندي هر دور ۾ ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ رسالن کي هڪ مُکيہ ذريعو پئي سمجهيو ويو آهي. گُل ڦُل کي بہ سنڌي ٻارڙن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مخصُوص ڪيو ويو. ان ڏس ۾ گُل ڦُل جي ڀهرين سالنامي ۾ غُلام رباني لکي ٿو ”ايترو ڪامل يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ گُل ڦُل جي صفحن وسيلي جيڪي ڪُجهہ اسان پيش ڪيو آهي سو اوهان جي ذهني واڌاري لاءِ ۽ مجمُوعي طور اوهان جي شخصيت جي اڏاوت جي لاءِ صحتمند آهي. گُل ڦُل ۾ پيش ٿيل ڳالهيون اوهان کي زندگيءَ ۾ گهٽ ڪم اينديون ۽ زندگي وڏي ڳالهہ آهي! سڀ کان اول اها ”بي مثل نعمت“ آهي ۽ سڀ کان آخر (۽ سڀ کان اهم) اها ”عظيم ترين جوابداري“ آهي. ان بيمثال نعمت جو پُورو پُورو قدر سُڃاڻڻ ۽ ان عظيم ترين جوابداريءَ کي پُوريءَ پُوريءَ ايمانداريءَ سان سنڀالڻ جي اوهان کي سکيا ڏيڻ گُل ڦُل جي اشاعت جو مقصد آهي.“ (٥)

غُلام رباني آگرو هڪ روشن خيال اديب، ڏاهو شخص ۽ هڪ ذهين ايڊيٽر هو، تنهن ڪري هُن گُل ڦُل جهڙي اثرائتي پليٽ فارم کي ٻارڙن ۾ علم ۽ ادب جي پکيڙ ۽ واڌاري ۽ سندن وندر ورونهن وارو ڪم وٺڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي ۽ ان رسالي کي سنڌي ٻارڙن جي ذهني ۽ سماجي تبديليءَ جو هڪ مُکيہ ذريعو بڻائڻ جي ڏس ۾ وَسان ڪين گهٽايو. تنهن ڪري وڏي اعتماد سان چئي سگهجي ٿو تہ گُل ڦُل جي جاري ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي ٻاراڻا رسالا ڇپجڻ شروع ٿيا سي گهڻي ڀاڱي گُل ڦُل کان ئي مُتاثر نظر اچن ٿا. ”مُتاثر بہ ڇو نہ نظر اچن؟ گُل ڦُل تہ هڪ رجحان ساز رسالو آهي ۽ سنڌ مان شايع ٿيندڙ هر رسالي ان جي پيروي ڪئي آهي. صحتمند ۽ تعميري ادب جو وڻ جيڪو گُل ڦُل جيءَ صُورت ۾ محمد ابراهيم جويي ۽ غُلام رباني آگري پوکيو هُيو تنهن جي ميوي مان سيئي سنڌي ٻاراڻا رسالا فائدو وٺي رهيا آهن. گُل ڦُل هڪ وڻندڙ ۽ لاڀائتو رسالو آهي. هيءُ رسالو ساديءَ ٻوليءَ، ڪارائتن مضمُونن ۽ دلچسپ لکڻين جي لحاظ کان غنيمت آهي. گڏو گڏ سيني سنڌي ٻاراڻن رسالن لاءِ هڪ رول ماڊل آهي.“ (٦)

ماهوار گُل ڦُل جي جاري ٿيڻ جو مقصد علمي ۽ ادبي هُيو. تنهن ڪري اهو جلد ئي سنڌ جي ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي ذوق جي آبياريءَ جو هڪ اهم ذريعو بڻجي ويو ۽ گڏو گڏ سندن سوچ کي بدلائڻ ۽ ڏرتيءَ سان سندن ڳانڍاپي جهڙن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ بيحد گهڻي سرگرمي ڏيکاري. نہ رُڳو ايترو پر هيءُ رسالو

جلد ئي وڏن لاءِ لکندڙ وڏن اديبن ۽ شاعرن جي دلين ۾ پڻ گهر ڪري ويو.

جيئن تہ گُل ڦُل جي نوعيت خالص علمي ۽ ادبي پئي رهي آهي، تنهن ڪري ان ٻارڙن جي ادب جي واڌ وِيجهہ ۾ بيحد اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. گُل ڦُل هڪ اهڙو اجتهاد هُيو، جنهن ڪي سنڌ جي مڙني ذاهن، اديبن ۽ قلم ڌڻين قبُول ڪري ورتو. گُل ڦُل سنڌي ٻارڙن جي علمي ۽ ادبي تحريڪ جو واحد نمائندو هُيو. جيتوڻيڪ شروعاتي دور ۾ گُل ڦُل جي اشاعت محدُود هُئي تنهن هُوندي بہ ان جي اثر جو حلقو چڱو چوکو وسيع هُيو. اهو ئي سبب هُيو جو هڪ پرچو ڪيترن ئي هٿن ۾ گردش ڪندو هُيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻين شهرن مان گهُرائي يا دوستن کان وٺي ٻارڙن کي پڙهايو ويندو هُيو تہ جيئن انهن جي ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي جو گُل ڦُل ۾ شامل مواد يا ڪيترا ئي لاڳيتا سلسلا ٻارڙن لاءِ بيحد لاپائتا هُوندا هُئا. جيئن ڊاڪٽر هوند راج بلواڻيءَ لکيو آهي "هيءُ رسالو وڏندڙ سائيز، سُهڻيءَ ڇپائيءَ، دلڪش ٽائيٽل ۽ ٻارن جي لائق ڪارگر مواد جي ڪارڻ سڄيءَ سنڌ جي ٻارن ۾ پيارو آهي. منجهس ڪهاڻين، گيتن وغيرهہ کان سواءِ ڳالهہ ٻولهہ، لطيفي لات، سائنس، روح رهاڻ جهڙا ڪالم ڏنا ويندا آهن. تنهن کان سواءِ "روشن تارا" ۾ ڪنهن ٻال اديب، ٻال ڪلاڪار يا ڪنهن هُنرمند ٻار سان مُلاقات ڏني ويندي آهي. مزيدار خبرن جي لاءِ "ٻارن جي اخبار" ڪالم آهي. "ننڍڙا اديب" ۾ ٻارڙن جون تخليقون ڇپي ڪين اُتساهہ ڏياريو ويندو آهي. "اوهان جو امتحان" ۽ "اَڏ اکري ڳُجهارت" جهڙن انعامي مُقابلن ۾ صحيح جواب موڪليندڙ ٻارن جا اَنن اَنن پيجن تي ڦهليل نالا ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو رسالو ٻارن ۾ ڪيترو لوڪپريا هُوندو." (٧)

ان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ٻارڙن جي ادب سان واڳيل ماڻهن ۽ قلم ڌڻين جي گُل ڦُل ۾ تمام گهڻي دلچسپي ۽ ڳانڍاپو رهيو آهي. مطلب تہ گُل ڦُل کي سنڌي ماڻهن ۽ ٻارڙن جو بيحد سرگرم سهڪار حاصل رهيو. تنهن ڪري گُل ڦُل مُستقبل جي ٻاراڻي سنڌي ادب لاءِ زرخيز زمين تيار ڪئي ۽ ١٩٥٩ع کان پوءِ جيڪي بہ سنڌي ٻاراڻا رسالا پڌرا ٿيا تن جا وڻ ۽ ٻُوٽا گُل ڦُل جي گهڙيل زمين مان ئي ڦُٽي نڪتا.

گُل ڦُل جو ادبي پاسو تمام گهڻو سگهارو رهيو آهي. ان جي ليکڪن ۾ سنڌ جا سمُورا اديب، شاعر، مُحقق وغيرهہ شامل رهيا آهن. انهن سڀني کي گُل ڦُل ۾ لکڻ لاءِ راضي ڪرڻ جي ڏس ۾ غُلام رباني آگري جون ڪاوشون واکاڻ جوڳيون آهن. هن ئي شيخ اياز کي گُل ڦُل ۾ لکڻ لاءِ آمادهہ ڪيو هو. "جڏهن اياز سان گهري گهاٽي سنگت ٿي تہ هڪ پيري ڪيس چيم 'مون کي گُل ڦُل لاءِ نظم يا گيت لکي ڏي.' آرام ڪُرسيءَ تي وڃي ويٺو. منٽ بہ سوچي، سگريٽ دُکايائين ۽ نظم لکي ڏنائين. اهو نظم ٻارڙن جي ادب ۾ هميشہ هڪ شاهڪار تسليم ڪيو ويندو." (٨) شيخ اياز جو اهو نظم گُل ڦُل جي پرچي نومبر _ ڊسمبر ١٩٦٠ع ۾ مُڪمل ڇپيل آهي.

جھوني ڪُوڙ سان مُنھنجو جھيڙو، ھلندو آخر تائين
نئون نئون سچ تون ڳوليندين، جيئين شال سدائين

ڌرتيءَ جي ڏک ۾ آ مُنھنجو، چاھہ انھيءَ لئہ لال
نئون نئون سُک جيئن تون ماڻين، جيئين شال سدائين

ممڪن آھہ تہ ڌرتيءَ جو ڏک، پُورو ڪونہ ٿئي
ممڪن آھہ تہ تُنھنجو بابا، وڙھندي جان ڏئي
ممڪن آھي تہ مُون کان پوءِ پي، ڏُکيو بُکيو انسان
ڳيي ڳيي لاءِ ڳاٽ جھُڪائي، ھُجي اجان حيران
ان صُورت ۾ مُنھنجا مِنتڙا، جيئين شال سدائين

تُون تہ ائين ئي وڙھندو رھجانءِ، پنھنجي آخر تائين
نيٺ تہ ڊھندو ڪُوڙ، سدائين جنھن کي ناھي ثبات
نيٺ تہ ڦُٽندو سچ جو سُورج، نيٺ تہ ڪُٽندي رات (۹)

شيخ اياز کان علاوه ڊاڪٽر تنوير عباسي، اُستاد بُخاري، غُلام محمد گرامي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، انور ھالائي، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر نواز علي شوق، علامہ غُلام مُصطفىٰ قاسمي، خيرالنساءِ جعفري، نُور الهُدىٰ شاھہ، زرينا بلوچ، سوسن مرزا، ج ـ ع منگھاڻي، جي ايم مھڪري، شوڪت حُسين شورو، نثار بزمي، ڊاڪٽر محمُود مُغل، ڊاڪٽر غُلام محمد لاکو، ڊاڪٽر ادل سُومرو، ڊاڪٽر ڪمال چامڙو، طارق عالم ابڙو، اڪبر جسڪاڻي، نصير مرزا، امداد حُسيني، فيروزا سما، شگفتا شاھہ، فقير شھمير چانڊيو، پروفيسر عبدالرحمان جتوئي، امام راشدي، عزيز ڪنگراڻي، اياز گُل، غُلام محمد غازي وغيرھہ پڻ گُل ڦُل لاءِ لاڳيتو لکندا رھيا. انھن مڙني سرجڻھارن جي لکڻين جي ڪري گُل ڦُل ايترو تہ مقبُول ٿيو جو پير حسام الدين راشدي، مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر اين ميري شمل ۽ رضا علي عابدي بہ ان جي واکاڻ ڪندي نہ ٿڪبا ھُئا. ان ڏس ۾ پروفيسر عبدالرحمان جتوئيءَ جي راءِ بيحد وزن رکي ٿي تہ ”مڙني سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي سھڪار ڪري گُل ڦُل ٻارڙن جي ادب ۽ ٻارڙن جي جذبن جي اظھار جي ھڪ اھم ذريعي سان گڏ سنڌ جي ٻاراڻي ادب جي تاريخ جو ھڪ مُستند ۽ شاناڻتو دستاويز آھي.“ (۱۰)

وقت ۽ حالتن جي لاھن چاڙھن ۽ انتظامي تبديلين جي ڪري شروع کان وٺي گُل ڦُل جي لاڳيتي اشاعت جي ڏس ۾ اڻ ڳڻيون رڪاوٽون پوَنديون پئي آيون آھن. ڪڏھن ان کي بہ ماھي ڪيو ويو تہ ڪڏھن وري ڇھہ ماھي تہ ڪڏھن وري سالن جا

سال اهو پڏرو نہ ٿي سگهيو. گُل ڦُل جي اشاعت کي اُن وقت ڪاپاري ڌڪ لڳو، جڏهن محمد ابراهيم جويو ١٩٦١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇڏي ويو. جيئن تہ گُل ڦُل جويي صاحب جي سرپرستيءَ ۽ ذاتي دلچسپيءَ جو ثمر هُيو تنهن ڪري بورڊ کان سندس عليحدگيءَ کان پوءِ لڳو تہ گُل ڦُل شايد جاري نہ رهي سگهي پر ٻن سالن جي وِٿيءَ کان پوءِ جڏهن ١٩٦٣ع ۾ جويو صاحب ٻيهر سنڌي ادبي بورڊ ۾ موٽي آيو تہ گُل ڦُل جي اشاعت کي هڪ ڀيرو ٻيهر ممڪن بڻايائين.

محمد ابراهيم جويي جي سنڌي ادبي بورڊ ۾ واپسيءَ کان پوءِ گُل ڦُل کي ڄڻ تہ نئين زندگي ملي وئي. ٻهريان جيءَ پيٽ ۾ گُل ڦُل تي وڏيڪ ڌيان ڏنو ويو. ١٩٦٦ع تائين يعني گُل ڦُل جي ڊڪليريشن بند ٿيڻ تائينءَ جا شُمارا هڪ نواڻ ۽ شگفتگيءَ جو تاثر ڏين ٿا. وسيلن جي کوٽ جي باوجُود سڀ پرچا مواد ۽ گيٽ اَپ جي لحاظ کان شاندار لڳن ٿا. ٻارن جي شخصيت سازيءَ ۽ اخلاق جي بُلنديءَ تائين بهترين لکڻيون انهن پرچن جي زينت بڻيل آهن. ان کان سواءِ لکڻين ۾ قومي روح ۽ قومي سُڃاڻپ جون جهلڪيون پڻ نظر اچن ٿيون. گُل ڦُل جي اشاعت هڪ وڏي جذبي سان جاري هُئي تہ ان کي روڪيو ويو. ان جو ڪارڻ ٻُڌائيندي غُلام رباني آگرو لکي ٿو "١٩٦٣ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي جنگ لڳي. پاڪستان سرڪار جنگ جي خرچ پُوري ڪرڻ لاءِ هتي هُتي ڪاٽ ڪُوٽ ڪئي. سال ١٩٦٦ع کان سنڌي ادبي بورڊ جي گرانٽ پنج سيڪڙو ڪٽي پنجانوي هزار ڪيائون. رُڳو اهو وَڙ ڪونہ ڪيائون پر ١٩٦٦ع کان گُل ڦُل جو ڊڪليريشن ئي بند ڪري ڇڏيائون." (١١)

اهڙيءَ طرح ١٩٦٦ع کان ١٩٧٣ع تائين پُورا ست سال گُل ڦُل جي اشاعت مُعطل رهي. اهو سمُورو عرصو ڄڻ تہ سنڌ جي ٻارڙن جي ادبي ۽ ثقافتي ترقي رُڪيل رهي. پوءِ وري گُل ڦُل جي ڊڪليريشن بحال ڪئي وئي ۽ شوڪت حُسين شوري کي ان جو ايڊيٽر مُقرر ڪيو ويو. غُلام رباني آگرو لکي ٿو "اسان کي گُل ڦُل جو ڊڪليريشن وري وڃي سن ١٩٧٤ع ۾ مليو. تيسين مان بورڊ جي مُکيہ انتظامي، مالي ۽ علمي مسئلن ۾ قابُو ٿي ويو هُئس. هڪڙو ئي رستو نظر آيم تہ ٻئي ڪنهن کي ايڊيٽر ڪري مان پاڻ رسالي جي نگران طور ڪم هلايان. مُنهنجي نگاهہ شوڪت حُسين شوري تي پيئي. شوڪت اديب هو ۽ نئينءَ ٽهيءَ جي لکندڙن ۾ هر دل عزيز هُيو. سدائين وٽس نَون اديبن جو ميڙ ڏِسندو هُئس. هُونئن بورڊ ۾ لئبريرين جي عُهدي تي هُيو پر مان مڙني ڳالهين کان وڌيڪ سندس جنهن خُوبيءَ کان مُتاثر هُئس سا هيءَ هُئي تہ ماڻهُو مِٺو هو، سٻاجهو، گُفتگوءَ ۾ نرم ۽ اکين ۾ حياءُ. بحيثيت ايڊيٽر گُل ڦُل پهريون پرچو جنوري ١٩٧٤ع ۾ ڪڍيائين." (١٢)

شوڪت حُسين شوري کان پوءِ انور هالائيءَ گُل ڦُل جي ايڊيٽر جي حيثيت سان خدمتون سر انجام ڏنيون. انَور هالائيءَ پنهنجيءَ محنت ۽ تجربي جي آڌار تي گُل ڦُل

کي سنڌي ٻارن جو مقبُول رسالو بڻايو. اها ئي محنت هُئي جنهن گُل ڦُل کي پاڪستان جي ٻاراڻن رسالن ۾ بهترين رسالي جو اعزاز ڏياريو. "نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان طرفان گُل ڦُل رسالي کي سندس بهترين ڪارڪردگيءَ تي ١٩٨٠ع ۾ انعام مليو، جيڪو آهي. پاڪستان مُلڪ ۾ شايع ٿيندڙ معياري رسالن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو انعام گُل ڦُل کي ڏنو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ نڪرندڙ هيءُ پهريون رسالو آهي جنهن کي اعزاز مليو آهي." (١٣)

انور هالائيءَ کان پوءِ اڪبر جسڪاڻي، طارق عالم ابڙو، ڊاڪٽر ظفر عباسي ۽ دين محمد ڪلهوڙو گُل ڦُل جا ايڊيٽر رهيا. هِن وقت نجما پنهور گُل ڦُل جي ايڊيٽر طور پنهنجون خدمتون سر انجام ڏئي رهي آهي.

مطلب تہ گُل ڦُل سنڌي ٻارڙن جي ادبي ۽ تهذيبي تاريخ جو هڪ بُنيادي ماخذ آهي. ان ۾ شامل مواد مان ادبيت جي جهَلڪ نظر ايندي آهي. گُل ڦُل جا اثر ايترا تہ ڏُور رس آهن جو اهو چوَڻ نهايت مُناسب رهندو تہ ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻاراڻي ادب پنهنجي اک ماهوار گُل ڦُل جي هنج ۾ کولي. گُل ڦُل کي پالي تاتي وڏو ڪرڻ ۾ محمد ابراهيم جوئي، غُلام رباني آگري ۽ بعد ۾ آيل ٻين ايڊيٽرن جو هڪ تاريخي ڪردار رهيو آهي. انهن سيني ايڊيٽر صاحبن گُل ڦُل کي قومي ۽ تهذيبي مقصدن لاءِ ئي ڪَتب آندو ۽ مجمُوعي طور تي اها ڪوشش ڪيائون تہ ٻارڙن جي دلچسپين، جاڻ ۽ سندن ذهني لاڙن کي آڏو رکندي اهڙي ادب کي اهميت ڏني وڃي جيڪو سنڌي ٻارڙن کي بلند تهذيبي ۽ اعليٰ علمي سطح تي آڻڻ ۾ هڪ وسيلي طور ڪم اچي.

گُل ڦُل هڪ بيحد سگهارو رسالو هُجڻ سان گڏ هڪ سگهارو آواز پڻ رهيو آهي. امام راشديءَ چواڻي "ان چوَڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ سڄيءَ سنڌ جي ٻارڙن ۾ سوچ جي تبديلي ۽ جاڻ جي پڪيڙ ۽ ترقي گُل ڦُل جي جاري ٿيڻ سان شروع ٿي. گُل ڦُل ۾ ڇپجندڙ مواد هڪ آواز آهي ۽ اهو ڪو معمُولي آواز ناهي. گُل ڦُل جو آواز اهو آواز آهي جنهن کي سنڌ جي هر ننڍي توڙي وڏي اديب غور سان ڪَنايو آهي. ان ڪان سواءِ گُل ڦُل قومي، علمي ۽ اخلاقي مقصدن جو امين پئي رهيو آهي ۽ اهڙو ادب پيش ڪيو اٿائين جيڪو ٻالڪ ـ سُڌارڪ رهيو آهي." (١٤)

محمد ابراهيم جوئي ۽ غُلام رباني آگري ماهہ وار گُل ڦُل جا جيڪي مقصد ۽ مول مَتا مُقرر ڪيا هُئا تن کي حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ هِن رسالي بيحد گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. حقيقت ۾ گُل ڦُل هڪ مقصد ۽ هڪ لاڙو آهي. گُل ڦُل پنهنجي شان جو هڪ ڏار، خاص ۽ روشن نمُونو آهي. گُل ڦُل ۾ شايع ٿيندڙ علمي مواد، مضمُون، ڪهاڻيون، شاعري، ترجما ۽ ٻيا ليک لاياڻتا آهن. تنهن ڪري گُل ڦُل سنڌي ٻاراڻن رسالن جي قافلي جو سرواڻ رهيو آهي.

حوالا:


1. بلواڻي، هوند راج، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻال ساهتيا" سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٠٣
2. پٿي، خالد (انٽرويو)، سنگتي پبليڪيشن شڪارپور، مارچ _ اپريل ١٩٩٧ع، ص: ١٣
3. آگرو، غُلام رباني، "آڪاڻي رسالي گُل ڦُل جي" (مضمُون) ماهوار گُل ڦُل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، فيبروري، مارچ، اپريل ٢٠١٣ع، ص: ١٨
4. ساڳيو، ص: ١٤
5. آگرو، غُلام رباني، "گُذارش" (اداريو) ماهوار گُل ڦُل، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، نومبر _ ڊسمبر ١٩٦٠ع، ص: ٤
6. بزمي، نثار (انٽرويو)، ماهوار ٻالڪ رنگ ڪراچي، مارچ ١٩٨٧ع، ص: ١٠
7. بلواڻي، هوند راج، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻال ساهتيا" سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٦٩
8. آگرو، غُلام رباني، "آڪاڻي رسالي گُل ڦُل جي" (مضمُون) ماهوار گُل ڦُل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، فيبروري، مارچ، اپريل ٢٠١٣ع، ص: ١٦
9. اياز، شيخ، "مُنهنجا مِٺڙا پُٽ" (نظم) ماهوار گُل ڦُل، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، نومبر _ ڊسمبر ١٩٦٠ع، ص: ٥
10. جتوئي، عبدالرحمان، پروفيسر، "عقلمند قاضي" (مهاڳ) سنڌي ساهت سوسائٽي شڪارپور، ١٩٨٩ع، ص: ٤
11. آگرو، غُلام رباني، "آڪاڻي رسالي گُل ڦُل جي" (مضمُون) ماهوار گُل ڦُل، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، فيبروري، مارچ، اپريل ٢٠١٣ع، ص: ١٧
12. ساڳيو
13. بلواڻي، هوند راج، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻال ساهتيا" سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ، ٢٠٠٧ع، ص: ٢٦٩
14. راشدي، امام، "گُل ڦُل مُنهنجيءَ نظر ۾" (مضمُون) خرچي پبليڪيشن شڪارپور، نومبر _ ڊسمبر ١٩٩٤ع، ص: ١٧